

# Open letter to PML (N)

# ميان صاحب! سنڌ کي ڪجھ سوالن جا جواب گھرجن!

_ جامي چانڊيو

**جناب ميان محمد نواز شريف،**
**سربراھ پاڪستان مسلم ليگ (ن)**

جيتوڻيڪ اڄڪلھ ججن جي بحاليءَ، پرويز مشرف ۽ ايم ڪيو ايم بابت موقف جي سوال تي توهان جي پارٽيءَ جي موقف ۽ ڪردار کي سڄي ملڪ جا ماڻھو ۽ سنڌ جو عوام پڻ ساراهي رهيو آهي ۽ ان ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ توهان عوام جي نظر ۾ پنهنجي عزت وڌائي آهي پر ساڳي وقت اها بہ حقيقت آهي تہ توهان جي سياست، پارٽيءَ ۽ سوچ بابت انيڪ سوال، مونجھارا ۽ پيچيدگيون اڄ بہ بنيادي طور موجود آهن، جن کي مخصوص سياسي حالتن سبب نہ عوام ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ نہ وري توهان واضح ڪرڻ لاءِ ڪي گھربل اُپاءَ ورتا آهن پر اهي سمورا سوال پنهنجيءَ جاءِ تي موجود ضرور آهن. اها حقيقت آهي تہ جلاوطنيءَ کان پوءِ توهان جي سوچ ۽ سياست ۾ هڪ حد



تائين ڦيرو ضرور آيو آهي ۽ اها هڪ مثبت تبديلي آهي جو توهان پاڻ هڪ آمر (جنرل ضياءَ الحق) جي سياسي پيداوار ۽ سپريم ڪورٽ تي حملو ڪرائڻ باوجود نئين آمر جي آپيشاهي راڄ کي ڪنهن بہ شڪل ۾ قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهيو ۽ ملڪ ۾ آزاد عدليہ ۽ قانون جي حڪمرانيءَ جي ڳالھ ڪيو ٿا. ان تبديليءَ کي اسان بهتر ۽ مجموعي طور عوام جي حق ۾ سمجھون ٿا جو انسان، تنظيمون ۽ تحريڪون تبديل ٿي سگھن ٿيون ۽ وري جيڪڏهن اُهي تبديليون عوام جي حق ۾ هجن تہ انهن جي کُليل دل سان آجيان ڪرڻ گھرجي. ان بنياد تي ئي عوام ۽ خاص طور سنڌ جو عوام توهان بابت پنهنجي اڳوڻي راءِ تبديل ڪندو ۽ توهان جي موقف ۽ ڪردار کي بدليل حالتن ۾ ساراهيندو رهيو آهي ۽ اڄ بہ ساراهي رهيو آهي.

توهان جي ان بدلجندڙ ۽ مثبت ڪردار جي احترام جو ئي سبب آهي جو مان توهان جي آڏو کُليل دل ۽ ذهن سان ڪجھ بنيادي سوال رکي رهيو آهيان ۽ اُميد تہ توهان نہ رڳو انهن تي سنجيدگيءَ سان غور ڪندا پر انهن جا جواب زباني يا لکت ۾ نہ پر پنهنجي سياسي ڪردار سان عملي طور عوام کي ڏيندا.

## منهنجي سوالن جا ڪجھ بنيادي نقطا هي آهن:

(1) اڄ تائين اهو راڳ گھڻو آلاپيو ويو آهي تہ مسلم ليگ پاڪستان جي خالق جماعت آهي پر اهو ذڪر ئي گم ڪيو ويو آهي تہ مسلم ليگ ملڪ جي وڏي ۾ وڏي غدار پارٽي بہ آهي. جنهن مسلم ليگ گڏيل هندستان ۾ سياسي اقليتن جي حقن جي ڳالھ ڪئي ۽ محدود مرڪز ۽ صوبائي خودمختياريءَ جي ڳالھ ڪئي ۽ وڏي ڳالھ تہ 1940 جي ٺهراءَ جي صورت ۾ پاڪستان ۾ شامل ٿيندڙ قومن سان واعدو ڪيو هو تہ انهي ملڪ اندر مڪمل طور آزاد ۽ خودمختيار هونديون. اُها ملڪ جي قيام ڪان پوءِ پنهنجي ابتڙ ۾ تبديل ٿي وئي ۽ اڄ ملڪ جو جيڪو حال آهي، ان ۾ بنيادي ڪردار مسلم ليگ جو بہ آهي. 1935ع جي جنهن انڊين ايڪٽ خلاف مسلم ليگ جدوجهد ڪئي. پاڪستان جي قيام ڪان پوءِ ان کي ئي عبوري آئين ۾ تبديل ڪيو ويو ۽ اڄ تائين مسلم ليگ جو نظريو بنيادي طور ساڳيو آهي تہ مرڪز جائز حد ڪان وڌيڪ بااختيار ۽ مضبوط هجي ۽ پاڪستان جي خالق قومن جا تاريخي وطن، صوبن جي حيثيت ۾ ڪمزور، محتاج ۽ بي اختيار هجن. هاڻي جڏهن توهان پاڻ کي هڪ ذميوار سياسي پارٽي طور اڳيان آڻي رهيا آهيو تہ ملڪ ۽ خاص طور سنڌ جو عوام ڄاڻڻ چاهي ٿو تہ توهان وٽ ڪهڙي قسم جي ملڪ جو خاڪو آهي؟ اهو جنهن جو بنياد 1940 هو يا اهو جيڪو 1935 جي بدترين انڊين ايڪٽ تحت هڪ ملڪ نہ پر هڪ ڦورو رياست طور اڀُتي آندو ويو؟

(2) مسلم ليگ ڪجهہ وقت (محمد علي جناح جي قيادت وارو دور) ڇڏي باقي سمورو ورهاڱي کان اڳ وارو وقت انگريز سرڪار ۽ ورهاڱي کان پوءِ پاڪستاني اسٽيبلشمينٽ جو هڪ سياسي هٿيار رهي آهي، جنهن عوام کان وڌيڪ حڪمران طبقن جي رڳو ناجائز مفادن جو تحفظ پئي ڪيو آهي. 1906 ۾ ڍاڪا ۾ مسلم ليگ جو قيام عمل ۾ آيو تہ ان جو نظريو اهو هو تہ مسلمان عوام جي دلين ۾ انگريز سرڪار لاءِ جيڪي دل ۾ ڪدورتون آهن. مسلم ليگ اُهي دور ڪندي. ورهاڱي کان پوءِ مسلم ليگ 1940 جي معاهدي سان غداري ڪري هڪ مها پاڪستاني ۽ مها اسلامي رياست جي فريب ۾ اسٽيبلشمينٽ جو ساٿ ڏنو. ملڪي تاريخ ۾ هر آمر پاڻ سان گڏ مسلم ليگ جو هڪ نئون ايڊيشن ڪٽي آيو ۽ ان کي عوام، سياست ۽ جمهوري عمل خلاف بدترين انداز سان استعمال ڪيو. توهان جي مسلم ليگ بہ جنرل ضياءَ الحق جي پيداوار هئي ۽ مسلم ليگ (ق) جنرل (ر) مشرف جي پيداوار آهي. هي تہ تاريخ جو هڪ عجيب حادثو هو جو پاڪستان جي تاريخ ۾ مسلم ليگ (ن) هڪ آمر جي عتاب هيٺ آئي ۽ نتيجي ۾ ڪجهہ اِشوز تي جڏهن توهان جو موقف ۽ ڪردار هڪ حد تائين تبديل ٿيو آهي تہ ماڻهن ان کي بهتر موٽ ڏني آهي پر جڏهن سياڻي ججن جو اِشو نہ هوندو ۽ مشرف بہ نہ هوندو تہ پوءِ توهان سان لاڳاپيل اصل سوال ڪَرَ موڙي اُٿندا. پاڪستان ۽ سنڌ جا ماڻهو ڄاڻڻ چاهين ٿا تہ ڇا توهان بنيادي طور اسٽبلشمينٽ جي ناجائز مفادن جي اسٽيٽسڪو جي خلاف آهيو يا صرف پرويز مشرف جي خلاف آهيو؟ ڇاڪاڻ تہ پرويز مشرف هڪ فرد آهي پر اسٽبلشمينٽ هڪ مفاد آهي ۽ اهو مفاد پس و پيش پنجاب جي حڪمران طبقي جو مفاد آهي، جنهن جو توهان بہ حصو آهيو ۽ پس و پيش سمورو پنجاب ان مان فائدو وٺندڙ آهي.

واضح رهي تہ پنجاب جي حڪمران طبقي جي محافظ اسٽيبلشمينٽ رڳو آمريتن ۾ نہ پر جمهوري حڪومتن ۾ بہ ساڳي ڦرلٽ ڪندي آهي. ڇا توهان ان حقيقت کان انڪار ڪري سگهندؤ تہ پاڪستان پنجاب جي هڪ ڪالوني آهي ۽ پنجاب ۽ ڪنهن حد تائين پشتونن کان سواءِ هتي وسندڙ ٻين قومن خاص طور سنڌين، بلوچن ۽ سرائيڪين جي حيثيت غلامن ۽ ٻئي درجي جي شهرين واري آهي. پنجاب جي حڪمران طبقي هن رياست، اسلام، پاڪستان ۽ قومي مفاد جي نالي ۾ گڏريل ڇهن ڏهاڪن کان هن ملڪ جي مظلوم طبقن ۽ قومن جي وسيلن کي پئي لٽيو ۽ ڦريو آهي. اوهان بہ بنيادي طور ان طبقي جو حصو آهيو پر ڇا مسلم ليگ (ن) ان ڏس ۾ ڪو اهڙو موقف ۽ ڪردار رکي ٿي جو ان تي ڊگهي مُدي جي لحاظ کان اعتبار ڪري سگهجي؟ سادن لفظن ۾ ملڪ جي ٻين صوبن ۽ انهن ۾ وسندڙ قومن لاءِ اهو تمام اهم سوال آهي تہ



مسلم ليگ (ن) پاڻ کي حتمي طور اسٽبلشمينٽ ۽ پنجاب جي حڪمران طبقي جي مفادن کان ڪيئن ڌار ڪري ٿي بيهاري؟ ڇاڪاڻ تہ اصل سوال مشرف بابت رويي جو نہ آهي جو اهو عارضي سوال آهي پر اصل سوال اسٽيبلشمينٽ ڏانهن رويي ۽ پاليسيءَ جو آهي، جيڪا پنجاب جي حڪمران ڦورو حڪمران طبقي جي ناجائز ۽ مستقل مفادن جي محافظ آهي.

(3) پاڪستان بطور هڪ رياست جي جنهن بدترين قسم جي رياستي بحران جو شڪار آهي، ان ۾ ٻين محرڪن سان گڏ قومي سوال بنيادي حيثيت ۽ اهميت رکي ٿو. ان قومي تضاد ۽ سوال جو بنيادي نقطو اهو آهي تہ ملڪ جي قيام کان وٺي پنجاب جي حڪمران طبقي پناهگير حڪمران طبقي سان گڏجي هن ملڪ کي اندروني طور هڪ جديد بينڪيت ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي جنهن ۾ خاص طور سنڌي، بلوچ ۽ سرائيڪي پاڻ کي ڇڙ تہ غلام ۽ فتح ڪيل حيثيت وارو علائقو سمجهندا رهيا آهن. ڪالاباغ ڊيم، گريٽر ٿل ڪئنال، پاڻيءَ جو تضاد، سنڌوءَ مٿان وڏن ڊيمن ۽ ڪئنالن جو مسئلو، قومي مالياتي ايوارڊ، صوبائي خودمختياري، قدرتي وسيلن جي مالڪيءَ جو سوال، ٻولين جي قومي حيثيت–– اِهي سڀ دراصل قومي سوال جون ئي ذيلي شڪليون آهن ۽ هاڻي جڏهن پاڪستان مسلم ليگ (ن) هڪ وفاقي ۽ جمهوري پارٽيءَ طور سامهون آئي آهي تہ ملڪ ۽ خاص طور سنڌ جي عوام جي ذهنن ۾ اهي سمورا سوال ڪَرُ کنيو بيٺا آهن تہ ججن جي بحاليءَ ۽ پرويز مشرف جي باري ۾ درست موقف ڪافي نہ آهي. اسين ڄاڻڻ چاهيون ٿا تہ توهان هن ملڪ اندر قومي تضاد کي ڪيئن ڏسو ٿا ۽ ان بابت توهان جو ڪهڙو موقف آهي ۽ مستقبل ۾ ڪهڙو ڪردار ٻيهندو؟ ڇاڪاڻ تہ تازو جڏهن پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت رڳو ڪالاباغ ڊيم تان هٿ ڪڻڻ جو اعلان ڪيو آهي ۽ سرحد صوبي جو نالو تبديل ڪري پختونخواہ رکڻ جي ڳالهہ ڪئي آهي تہ ان کي جنهن انداز سان پاڪستان مسلم ليگ (ن) ردعمل ڏيکاريو آهي، ان مان مسلم ليگ (ن) پاڻ بابت ان تاثر کي وڌيڪ پختو ڪيو آهي تہ بظاهر ملڪ گير ۽ جمهوري پارٽي هئڻ باوجود اها بنيادي طور پنجاب جي پارٽي آهي. مسلم ليگ (ن) جڏهن مشرف جي عتاب هيٺ هئي تہ اها اينٽي ڪالاباغ ۽ اينٽي گريٽر ٿل ڪئنال ايڪشن ڪاميٽيءَ جي ميمبر رهي، سنڌ ۾ ان خلاف جدوجهد ۾ شامل رهي پر هاڻي جڏهن ڪين وري طاقتور حيثيت حاصل ٿي آهي تہ ان قومي سوال سان لاڳاپيل معاملن تي وري اڳوڻي روش جو اظهار ڪرڻ شروع ڪيو آهي. اڄا تہ مالياتي ايوارڊ، پاڻي تڪرار جي نبيري، قدرتي وسيلن جي مالڪيءَ، آدمشماري ۽ ٻيا سوال سامهون اچڻا آهن. سوال آهي تہ انهن سوالن تي پاڪستان مسلم

ليگ (ن) هڪ انصاف پسند، وفاقي ۽ جمهوري پارٽيءَ وارو موقف رکندي ۽ ڪردار ادا ڪندي يا ائين جيئن ان ڪالاباغ ڊيم ۽ پختونخواه جي مسئلي تي رويو ظاهر ڪيو آهي؟ اصل ڳالهه اها آهي تہ ملڪ اندر معروضي طور وڏي ۾ وڏو تضاد قومي تضاد آهي ۽ مستقبل ۾ اهوئي سوال ملڪ جي سياست جو محور هوندو. جيستائين مسلم ليگ (ن) ان حوالي سان ڪو واضح موقف ۽ ڪردار نہ رکندي تہ اُها پنهنجي اڳوٽي image مان جند ڇڏائي نہ سگهندي تہ اها دراصل پنجاب جي اُڀرندڙ سرمائيدار طبقي جي نمائنده پارٽي آهي ۽ ظاهر آهي تہ اهو طبقو ئي پنجاب جي حڪمران طبقي جو اهم ترين حصو بہ آهي.

(4) مسلم ليگ گڏيل هندستان اندر هڪ فرقہ پرست (communalist) پارٽي هئي ۽ اها پنهنجي سرشت ۾ بنيادي طور هڪ ساڄيءَ ڌر جي سوچ رکندڙ پارٽي آهي ۽ ملڪ اندر جيڪي خودفريب ۽ غلط نظرياتي بنياد رکيا ويا انهن ۾ وڏو هٿ دراصل مسلم ليگ جي ان سوچ جو بہ آهي. ڇاڪاڻ تہ مسلم ليگ اڄ بہ پاڻ کي بہ قومي نظريي جي پيداوار ۽ علمبردار سمجهي ٿي، جڏهن تہ بہ قومي نظريو پاڪستان جي پهرين آئين ساز اسيمبليءَ ۾ (11 آگسٽ 1947) خود مسٽر جناح ئي رد ڪري چڪو هو. اسين سمجهون ٿا تہ ملڪ جي موجوده رياستي بحران کي ساڄيءَ ڌر جي سوچ، بہ قومي نظريو ۽ مسلم ليگ جي ملڪ جي نظرياتي سرحدن جي محافظ هجڻ جي دعوي وڌائي ۽ وڌيڪ پيچيده تہ بڻائي سگهي ٿي پر ان کي ڪنهن طور بہ حل نہ ٿي ڪري سگهي. اسين ڄاڻڻ چاهيون ٿا تہ مسلم ليگ (ن) تاريخ مان ڪو سبق پرائي پاڻ کي تبديل ڪيو آهي يا اُها اڄ بہ ملڪ جي ”نظرياتي سرحدن“ (يعني بہ قومي نظريو) جي محافظ هجڻ جي دعويدار آهي؟ ڇاڪاڻ تہ ساڄي ڌر جي سوچ ۽ بہ قومي نظريو پاڪستان جو رياستي بحران ڪنهن طور بہ حل نہ ٿا ڪري سگهن. اُهي ان کي وڌيڪ سنگين ئي بڻائي سگهن ٿا.

(5) جيتوڻيڪ مسلم ليگ (ن) جو آئيني ڍانچو وفاقي آهي پر حقيقت ۾ اُها عملي طور اڄ بہ پنجاب ۾ ئي پنهنجو تنظيمي ۽ سياسي اثر رکي ٿي. خاص طور سنڌ ۽ بلوچستان ۾ ان جي ڪا بہ عوامي سطح تي تنظيم ڪاري ٿيل نہ آهي ۽ نہ وري مسلم ليگ (ن) جي اها ڪڏهن ترجيح رهي آهي. سنڌ ۾ اهو تاثر بہ عام آهي تہ مسلم ليگ (ن) سنڌ ۾ وڏي سياسي پورهيي سان عوامي سطح تي پنهنجي تنظيم ڪاري ڪرڻ بجاءِ مسلم ليگ (ق) ڇڏيندڙ ۽ اسٽيبلشمينٽ جي آشيرواد سان هلندڙ خاندانن کي پارٽيءَ ۾ شامل ڪرڻ چاهي ٿي. ٺٽي جي شيرازين جي مسلم ليگ (ن) ۾ شموليت جي ڪوشش رڳو ان جو تازو مثال آهي. حقيقت ۾ مسلم ليگ (ن) جيڪڏهن صحيح سوچ تحت ۽ سياسي پورهيو ڪري عوامي سطح تي پنهنجي ڪا تنظيم سازي ڪندي تہ اها هڪ بهتر



ڳالهہ هوندي پر جيڪڏهن ان شارٽ ڪٽ جو رستو استعمال ڪري سنڌ ۾ عوام دشمن سرڪاري خاندانن کي گڏ ڪٺي سياست ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ پوءِ اهو قصو شايد ڊگهو عرصو هلي نہ سگهي ۽ جي هليو تہ بہ عوام دوست، جمهوريت پسند ۽ سنڌ جي عوام کي قبول نہ هوندو. ٻئي طرف جيتوڻيڪ موجوده حالتن ۾ ايم ڪيو ايم بابت مسلم ليگ (ن) جو موقف بهتر آهي ۽ سنڌ جي عوام ان جي آجيان ڪئي آهي پر ساڳئي وقت اهو سوال پڻ موجود آهي تہ مسلم ليگ (ن) ان سوال تي ڄمي بيهندي يا مستقبل ۾ اقتداري مجبورين ۽ مصلحتن تحت ان کي وري گڏ کڻندي. ڇاڪاڻ تہ مسلم ليگ جي ٻئي حڪومتي دور ۾ مسلم ليگ جي ايم ڪيو ايم سان اتحاد جي نتيجي ۾ سنڌي عوام کي مڪمل طور ديوار سان لڳايو ويو هو ۽ جڏهن تہ ايم ڪيو ايم کي سنڌ تي واڪ اوور ڏنو ويو هو. هيئنر نظر اچي پيو تہ مسلم ليگ (ن) ان حوالي سان تاريخ مان سبق پرايو آهي ۽ ان جو متحده بابت موقف پ پ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ چٽو ۽ بهتر آهي پر سوال آهي تہ اهو موقف ۽ رويو مستقبل ۾ ڪيترو جٽاءُ ڪري سگهندو؟

جناب ميان نواز شريف صاحب!

اها حقيقت تہ توهان پاڻ بہ تسليم ڪندا رهيا آهيو تہ ملڪ سنگين بحران جو شڪار آهي ۽ جيڪڏهن ان جو ڪو انصاف ڀريو حل نہ ڪڍيو ويو تہ شايد يا تہ هي ملڪ وڌيڪ ۽ بدترين انارڪيءَ ڏانهن ڌڪجي وڃي يا مورڳو پنهنجو وجود ئي وڃائي ويهي. پر ٻئي طرف حقيقت اِها بہ آهي تہ ان بحران جا محرڪ، سبب، نتيجا ۽ حل هر ڪنهن کي پنهنجي مفادن جي اک سان نظر اچي رهيا آهن. توهان لاءِ مشرف جي واپسي ۽ ججن جي بحالي ان جو حل هوندي. پ پ لاءِ سندس اقتدار ۾ موجود رهڻ ان جو حل هوندو، مذهبي ڌرين لاءِ اسلامي انقلاب ان جو حل هوندو پر حقيقت اِها آهي تہ هن ملڪ جا تضاد تمام واضح آهن ۽ ملڪ جي بحران جو جٽادار حل فقط انهن کي سنجيدگيءَ سان هٿ ۾ کڻڻ مرحليوار حل ڪرڻ ۾ آهي. ٻيءَ صورت ۾ هن ملڪ کي ڪو بہ تباهيءَ جي ڪَڏَ ۾ ڪرڻ کان بچائي نہ سگهندو. ان سڄي منظرنامي ۾ جيتوڻيڪ اوهان هڪ حد تائين پنهنجي اڳوٽي image (جنرل ضيا جي باقيات) مان جند ڇڏائي آهي پر اڃا ان جا گهڻا امتحان باقي آهن، جن جو ٿلهي ليکي مختصر ذڪر مٿي ڪيو ويو آهي. هن وقت اوهان هڪ اهڙي بہ واٽ تي بيٺل آهيو جتان هڪ نئون جنم وٺي توهان تلخ حقيقتن جي روشنيءَ ۾ ڪو تاريخي ڪردار بہ ادا ڪري سگهو ٿا ۽ ٻئي طرف پاڻ کي عملي طور پنجاب جي حڪمران طبقي جي نمائنده پارٽيءَ جي راهہ ڏانهن بہ موٽائي سگهو ٿا. موجوده حالتن ۾ توهان جي سموري بهتر ڪردار باوجود تازو ڪالاباغ ڊيم ۽ پختونخواه

جي اِشوءَ کي جيئن توهان جي پارٽيءَ پنجاب ۾ ردعمل جو اظهار ڪيو آهي، ان عوام جي ذهنن ۾ هڪ پيرو وري خدشن، بدگمانين ۽ اوپساهيءَ جا انيڪ سوال اُٿاريا آهن. جن جو زباني نہ پر عملي سياست ذريعي جواب ڏيڻ اوهان جو فرض آهي. سادن لفظن ۾ اسين ڄاڻڻ چاهيون ٿا تہ توهان جي ذهن ۾ ڪهڙو پاڪستان آهي؟ علامہ اقبال وارو گريٽر پنجاب وارو پاڪستان (1930 وارو الهہ آباد وارو خاڪو) آهي يا محمد علي جناح وارو 1940ع جو پاڪستان. علامہ اقبال وارو 1930 وارو پاڪستان تڏهن بہ رد ڪيو ويو هو ۽ هاڻي بہ ان جو سڪو نہ ٿو هلي ۽ نہ وري هلي سگهندو پر 1940 وارو پاڪستان ئي موجوده رياستي بحران جو جٽادار حل ثابت ٿي سگهي ٿو. اسين ٻڌڻ چاهيون ٿا تہ توهان جي ذهن ۾ ڪهڙو پاڪستان آهي؟ ڇاڪاڻ تہ علامہ اقبال وارو گريٽر پنجاب وارو پاڪستان اسان کي ڪالهہ بہ منظور نہ هو، اڄ بہ منظور نہ آهي ۽ سڀاڻي بہ نہ هوندو، جڏهن تہ 1940 واري پاڪستان جا خالق اسين آهيون ۽ اسان جي نظر ۾ اهوئي هن رياستي بحران جو واحد حل آهي ۽ ٿي سگهي ٿو.